ڊاڪٽر حاڪم علي برڙو
علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي، اسلام آباد

# سچل سرمست جو زمانو ۽ سندن شاعري
# ERA AND POETRY OF SACHAL SARMAST

**Abstract**

SachalSarmast is a great mystic poet of Indus valley. His poetry is replete with the themes of love, brotherhood, and peace. He considers humanity above colour, caste, religion, or creed. He also portrayed his era when the invaders came to this valley and it was the disaster over Indus valley and Sachal Sarmast raised his voice against these inhuman attacks. He protested against bloodshed, injustice and cruelty of the rulers through his poetry. He presented religious harmony in his poetry.This research article will explore the above mentioned themes of his poetry in a realistic manner.

سچل سرمست جو زمانو ٿلهي ليکي 1739ع کان 1829ع تائين آهي.
سچل سائين کي پنهنجي ٻالڪپڻ ۾ انهن سماجي ۽ سياسي حالتن جو مشاهدو ٿيو جيڪي گهٽ ۾ گهٽ گذريل اڌ صدي کان جاري هيون يا اڌ صدي اڳ ٿيندڙ انهن واقعن جي نتيجن سبب جيڪو ماحول رونما ٿيو انهن سچل سائين جي ذهن تي سڌو اثر ڪيو ۽ اهي سڀ سياسي سماجي واقعا ۽ ماضي جون روايتون سندس شاعري ۾ ڪتب آيون.

سچل سائين ان پيغام ۽ فڪر جو تسلسل آهي جنهن کي قاضي قادن، شاھ ڪريم، مخدوم نوح ۽ شاھ لطيف ڀٽائي پنهنجي شاعري ذريعي عام ڪيو. سندن شاعري جي پيڙھ توحيد، عشق رسولصلي الله عليہ وسلم، اطاعت رسول، انسان ذات سان محبت ۽ الفت، دنيا ۾ محنت ۽ جدوجهد واري حياتي گذارڻ ڪوڙ ڪپت ۽ ڪٽرپڻي جهڙن لاڙن کان پاسو ڪرڻ تي رکيل آهي، اهي سيئي آفاقي پيغام جا علمبردار هئا.

شاهه لطيف کان پوءِ سچل سرمست کي وڏو و صوفي بزرگ ۽ ممتاز شاعر مڃيو وڃي ٿو. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جمال آهي ته سچل سائين جي شاعريءَ ۾ جلال آهي. انهيءَ ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته اسان جي عظيم صوفي شاعرن سماج ۾ موجود بي چيني، پريشاني، ڏقيڙ، سياسي اٿل پٿل، عوام جي دردن ۽ وطن جي مسئلن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ اهم مرڪزينڪتو بڻايو آهي. اهڙي طرح جڏهن اسان سچل سائين جي دور تي نظر وجهون ٿا ته اهو دور ڪو سٺو ۽ پرامن دور نه رهيو آهي.

ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکن ٿا ته:

"جڏهن سال 1739ع ۾ حضرت سچل سرمست جي ولادت ٿي انهيءَ سال نادر شاهه سنڌ تي حملو ڪيو ۽ وڏي تباهي ڪئي نه فقط جاني نقصان ڪيو ويو پر سنڌ جا وڏا علمي ذخيرا به تباهه ۽ برباد ڪيا ويا انهيءَ ظلم ۽ ستم جي ڪري گهوڙا ڙي گهوڙا ۽ نادر شاهه اچي ٿو جهڙيون چوڻيون وجود ۾ آئيون" (1)

اهڙي طرح 1753ع ۾ جڏهن سچل سائين جي عمر چوڏهن ورهيه هئي انهيءَ سال احمد شاهه ابدالي سنڌ تي حملو ڪيو، خون جي هولي کيڏي وئي، انهيءَ کان علاوه مدد خان پٺاڻ جو سنڌ تي حملو اهي سيئي منظرنامه سچل سائين جي سامهون هئا. ان کان علاوه 1718ع ۾ يعني سچل سائين جي پيدائش کان ڪجه ورهيه اڳ شاهه عنايت جي شهادت جو واقعو ۽ سچل سائين جي پيدائش کان رڳو ڇهه سال اڳ يعني 1733ع ۾ کهڙن جي مخدوم عبدالرحمان ۽ سندس 208 ساٿين جو قتلام جهڙا درد ناڪ واقعا ۽ قلات جو سنڌ تي حملو ۽ ٻيا ڪيترائي حملا ۽ جنگيون سچل سائين جي دور ۾ ٿينديون رهيون جن ۾ انسان ذات جو خون بي دردي سان واهيو ويو.

ڊاڪٽر ابراهيم خليل جن لکن ٿا ته:

"سچل سائين جي دور ۾ 45 جنگيون لڳيون، سچل سائين پنهنجي آس پاس قيامت صغريٰ جا ڪيترائي منظر اکين سان ڏٺا جنهن مان متاثر ٿيڻ هڪ فطري ۽ طبعي امر آهي".(2)

اهڙن سيني واقعن جو اثر جهڙي طرح شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عيان آهي اهڙي طرح اسان کي سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ به نظر اچي ٿو. سچل

سائين پنهنجي پيغام ۾ انهي ڳاله تي زور ڏنو آهي تہ ڪائنات جي ظاهري ڪثرت ۾ بنيادي وحدت ڪارفرما آهي. اهڙي طرح بني نوع انسان جي رنگ ۽ روپ جي ڪثرت بہ انهي وحدت ۾ سمائجي وڃي ٿي.

سچل سائين ذات پات جي ويڇي کي تمام گهٽو نظريو آهي.

ڊاڪٽر تنوير عباسي جن لکن ٿا تہ:

"ذات پات جو ويڇو هند ۽ سنڌ ۾ ايامن کا جاري آهي. آرين پاڻ سان اهي اوچ نيچ ذات جا ويڇا آندا برهمڻ ۽ شودر ان مذهب جي پيداوار آهن" (3)

جهڙي طرح شاه لطيف فرمايو

"ذات نہ آهي ذات تي، جو وهي سو لهي"

سچل سائين جو پيغام آفاقي آهي. سندن پيغام زمان ۽ مڪان جي سرحدن کان آجو آهي. پاڻ مذهب ۽ ملت، ملڪ ۽ وطن ۽ زبان وغيره جون حدون پار ڪندي همہ گير تعليم جي تبليغ ڪئي آهي. جنهن جي پوري دنيا ۾ هر ملڪ ۽ قوم کي هر دور ۾ هر وقت ضرورت آهي. پاڻ فرمائين ٿا.

*"نا میں ملاء، نا میں قاضی، نا میں سبق پڑہاواں*

*نا میں کعبہ نا معں قبلہ، مکے مول نہ جاواں،*

*نا میں سنی، نا میں شیعہ، سید کین سڈاواں*

*نا میں نانک، نا میں کچھمن، گنگا مول نہ جاواں*

*یار تہ میڈا درس درازی سچو ناں سڈواں"*

هن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سچل سائين مذهب ۽ عقيدي جي قيد ۽ بند کان آزاد ٿي ڪري سوچيندا هئا. سچل سائين پنهنجي هستي کي خود ۾ گم ڪري ڇڏيو ۽ سڀئي مذهبي مقدس جايون سندن اندر ۾ نقش ٿي ويون. سچل سائين جي دور ۾ فرقہ واريت مذهبي ڪٽر پڻو ۽ اڻ سهپ عروج تي هئي، انهيءَ ڪري سچل سائين سيني کي اهو پيغام ڏنو تہ سڀ کان وڌيڪ اهم ذات انسان ذات جي آهي. پاڻ انسانن کي غور ۽ فڪر ڪرڻ جي تلقين ڪن ٿا اي انسانو غور ۽ فڪر ڪيو جيڪڏهن فڪر نہ ڪندا تہ دنيا کان گهٽو پري ٿي ويندو، جتان پوءِ واپسي ممڪن نہ آهي.

"جي فڪر گئون فارغ ٿيا، ٿيا دنيا کان دور

هونداسي حضور آءُ تہ ڪريون ڳالهڙيون“

حسين بن منصور حلاج جڏهن پهريون پيرو خدا ۽ بندي جي وچ ۾ عشق جي حقيقت جو اظهار ڪيو تہ ان وقت جي عالمن ۽ مولوين ان کي سولي جو سزا وار قرار ڏئي ڇڏيو سنڌ جي وحدت الوجودي صوفين تي منصور حلاج جو تمام گهڻو اثر آهي. جيڪو شاهہ لطيف کان شروع ٿيندو سچل سائين تائين عروج تي پهچي ٿو.

لطيف سرڪار جن فرمايو:

”روزا نمازون اي پڻ چڱو ڪم،
اهو ڪو ٻيو فهم جنهن سان پسجي پرين کي“

سچل سائين اها ڳالهہ سرعام لفظن ۾ چئي ڇڏي:

”مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا
سيخي پيري بزرگي بيحد ڀلايا
ڪي نمازون نوڙي پڙهن ڪن مندر وسايا
اوڏا ڪين آيا عقل وارا عشق کي“

ڊاڪٽر نواز علي شوق جن لکن ٿا تہ:

”تصوف جي تاريخ جي ورق گرداني ڪندي معلوم ٿئي ٿو تہ منصور جي شهادت کان پوءِ اسلامي دنيا ۾ صدين تائين الله جي عشق سان سرشار بي باڪ ۽ همت ڀريو صوفي سواءِ سچل سرمست جي پيدا نہ ٿيو آهي جنهن منصور واري جذبي مدهوشي ۽ بي باڪي سان اناالحق جو نعرو هنيو هجي“ (4)

سچل سائين کان اڳ جا صوفي الڳ ٿلڳ ٿي ڪري ويجي ڪو حجرو وسائيندا هئا، مگر سچل سائين جو تصوف هن ڳالهہ جي اجازت هرگز نٿو ڏئي تہ انسان دنيا کا الڳ ٿلڳ ٿي ڪري ويجي ويهي رهي ۽ حقيقت عوام تائين نہ پهچائي تہ توهان جي بهتري ڇا ۾ آهي اصل ڳالهہ آهي زندگي کي ڪنهن مقصد سان جوڙي ڇڏڻ ۽ پنهنجي منزل طرف اڳتي قدم وڌائڻ. سچل سائين وٽ منزل حاصل ڪرڻ ۽ منزل تائين پهچڻ ۾ جيڪڏهن موت بہ اچي ويجي تہ ان جي وڏي اهميت آهي.

پاڻ فرمائين ٿا:

”جو دم غافل سو دم ڪافر مرشد هي سمجهايا،
سچل ڳاله عشق دي سچي، ٻيا ڪل پنڌ اجايا“

سچل سائين مذهبن جي پابندين کان پاڻ کي آجو رکيو ۽ ظاهري مذهبي رسمن ۽ رواجن کي اهميت نہ ڏنائين.

”ڏسو عشق جو انصاف، سڀئي مذهب ڪيائين معاف“

سندن فڪر جو نڪتو محبت تي ٻڌل آهي هي اهڙي محبت آهي جيڪا ڪنهن بہ گروهي تعصب کان مٿي ۽ پوري انسانيت لاءِ آهي. حقيقت ۾ اها محبت ڪائنات جي تخليق جو ڪارڻ آهي.

پڇو نہ منهنجي ذات جوئي آهيان، سوئي آهيا
اچڻ اسان جو اتاهين، جاتي ڏينهن نہ رات،
ظاهر آهي زبانون منهنجي الاقرب سندي ڪلمات
سچو سرسهي ڪر پنهنجو عشق منجهون عشقات“

سچل سرمست جو انهيءَ ڳاله تي ويساه آهي تہ انسانن جي پيدائش جو بنيادي مقصد الله تعاليٰ سان محبت آهي پر هو خدا جي محبت کي انسانيت جي محبت ۾ تبديل ڪري ڇڏي ٿو. جو تہ ان کان سواءِ خدا جي محبت نا مڪمل آهي. سچل سائين انساني عظمت ياد ڏياريندي فرمائن ٿا:

”حڪم هلي ٿو جنهن سان، سو ڪر پيدا پاڻ
صورت سان سجاڻ، منهن ڪري مورت کي“

عثمان علي انصاري جن لکن ٿا تہ:

”هون بہ سنڌي سماج جو تاجي پيشو محبت آهي ۽ محبت ڪائناتي سوچ جو اظهار آهي. شاهہ سچل ۽ سامي اهڙي ئي سوچ جا حامل صوفي دانشور ٿي گذريا آهن“ (5)

سچل سائين پنهنجا سڀ ذريعا ۽ قوتن سنڌي سماج ۾ طبقاتي فرق ۽ گروهي ڪشمڪش کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪتب آندا. هن جو فڪر انسانيت جو علمبردار آهي سندن نظريو اونچ نيچ، ذات رنگ ۽ نسل جي بنا فرق تي ٻڌل آهي. انهيءَ کان علاوه ٻيائي کي ختم ڪرڻ ۽ پاڻ ۾ محبت ۽ ميلاپ جو حامي آهي فرمائين ٿا تہ:

”وقت اهائي ويل، دوئي دور ڪرڻ جي

ڪڍ مذهب من مان، ساجهر ساڻ سويل
هندو مومن سان ملي، صحبت جا ڪر ميل،
متان ٿئي اويل، اوله سچ نه لهي“

اڄ جيان سچل سائين جي دور ۾ به عدل ۽ انصاف وڪامجندو هو. سچل سائين منصف کي بد دعا ڏيندي چوي ٿو ته اي قاضي انصاف ڪندڙ تنهنجو پير ڪاريهر تي پوڻ وارو آهي.

”پاٺهي پوندئي پير قاضي ڪاريهر تي“

سچل جي نظر ۾ ملان، قاضي، پير ۽ مشائخ تعصب جي پرچار ڪن ٿا. اهي سچي محبت کان بي خبر آهن اهي بهشت جي دلاسي ۽ دوزخ جي ڏڙڪي سان انسانن کي ڊڄاري رهيا آهن. هون به صوفي ۽ ملان جي مذهب ۾ اهو ئي فرق هوندو آهي ته ملان ظاهري صفائي جو قائل آهي، ججيڪا فقط ٻاهر نظر ايندي آهي ۽ اندر سندن پليتي سان ڀريل هوندو آهي، صوفي اندر جي پاڪائي جو قائل هوندو آهي جيڪا اصل ۾ انسان ذات جي ڀلائي هوندي آهي. اهو ئي پنهنجي محبوب کي سڃاڻپ جو اصل رستو آهي. جيڪو سچل سائين پنهنجي پيغام ذريعي اسان کي ٻڌايو آهي.

## حوالا:


1. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽر، سچل جو سنيهو ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، 1984، ص 15
2. ابراهيم خليل، پروفيسر، سچل سرمست ۽ ان جا تعليمي نظريا، آل پاڪستان ايجوڪيشنل ڪانفرنس، ڇاپو پهريون، 1992، ص 88
3. تنوير عباسي، شاهه لطيف جي شاعري، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2000، ص 83
4. نواز علي شوق، سچل سارو سچ، (مرتب) بين الاقوامي سچل ڪانگريس، ڪراچي، 1989ع، ص60
5. انصاري، عثمان علي، ”سرمست“ سچل سرمست يادگار ڪميٽي، خيرپور، 1988ع، ص 21